# قرباني

## هڪ مقصد وارو فرض

30-June-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

30جون، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# قرباني: هڪ مقصد وارو فرض

## هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ

✿... ذُو الحج جي عشري ۾ عبادت جي فضيلت

✿... ذُوالحج جي هڪ اهم عبادت

✿... بقرهٔ عيد جي ڏينهن سڀ کان اَفْضل عمل

✿... قرباني؛ هڪ مقصد وارو فرض

✿... سُنّتِ ابراهيمي کي ادا ڪريو!

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **پنهنجي مجلسن کي مون تي درود پاڪ پڙهي سينگاريو، توهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نور ٿيندو.**[1]

تيری اِک اِک ادا پر اے پیارے | سَو درودیں فدا، ہزار سلام
وہ سلامت رہا قیامت میں | پڑھ لئے جس نے دِل سے چار سلام[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديثِ پاڪ ۾ آهي:** اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ **سني نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي.**[3]

**اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو!**

---

[1] ...جامع صغير، صفحہ:280، حديث:4580۔

[2] ... ذوقِ نعت، صفحہ:170-171۔

[3] ...مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بااَدب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّه سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. اِنْ شَآءَ الله الْڪرِيم!

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! ذُوالحج جو مهينو اسلامي سال جو آخري ۽ وڏو برڪت وارو مهينو آهي، حضرت ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللهُ عَنْه روايت ڪن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمّدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: سَيِّدُ الشُّهُورِ رَمَضَانُ، وَأَعْظَمُهَا حُرْمَةً ذُو الْحِجَّةِ يعني مهينن جو سردار رمضان آهي، حُرمت ۽ عزّت جي لحاظ کان سڀ کان وڏيڪ عظمت وارو مهينو ذوالحجة الحرام آهي.[1]

حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللهُ عَنْه جن کي حافِظُ الڪتابَين به چيو ويجي ٿو، پاڻ قرآنِ ڪريم جا به عالم هئا ۽ تورات شريف جا به عالم هئا. پاڻ فرمائن ٿا: الله پاڪ زماني کي اختيار فرمايو، الله پاڪ وٽ سڀ کان محبوب زمانو حُرمت وارا 4 مهينا (يعني ذو القعده، ذو الحج، محرم ۽ رجب) آهن، انهن مهينن مان الله پاڪ وٽ سڀ کان وڏيڪ محبوب ذُوالحج آهي ۽ ذُوالحج ۾ هن جا ابتدائي 10 ڏينهن (جن کي ذوالحج جو عشرو چيو ويجي ٿو، هي) الله پاڪ وٽ سڀ کان پيارا ڏينهن آهن.[2]

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! ذُو الحج جا ابتدائي 10 ڏينهن گھڻا برڪت وارا آهن، اهي الله پاڪ وٽ وڏيڪ محبوب ڏينهن آهن، ايستائين جو الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ انهن ڏينهن جو قسم ارشاد فرمايو، جيئن ارشاد آهي:

---

[1]...شعب الايمان، باب فی الصيام، جلد:3، صفحہ:355، حديث:3755ملتقطاً۔

[2]...شعب الايمان، باب فی الصيام ، جلد:3، صفحہ:350، حديث:3740۔

| | |
|---|---|
| وَ الْفَجْرِ ۙ﴿۱﴾ وَ لَیَالٍ عَشْرٍ ۙ﴿۲﴾ (پاره:30،سورۀ فجر:1-2) | ترجَمو ڪنزُ العرفان: صبح جو قسم. ۽ ڏھ راتين جو |

هڪ قول مطابق هن آيت ۾ ذِڪر ڪيل 10 راتين مان ذُو الحج جون ابتدائي 10 راتيون مراد آهن.[1] خبر پئي! ذُو الحج جون ابتدائي 10 راتيون وڏيون فضيلت واريون آهن، جو الله پاڪ ان جو قسم ارشاد فرمايو.

| | |
|---|---|
| حج کا مہینا آیا، ماہِ حرام آیا | طیبہ کی یاد لایا، ماہِ حرام آیا |
| آئی ہیں اس کی قسمیں، قرآں کی آیتوں میں | رَب کو ہمارے بھایا، ماہِ حرام آیا |

## ذُوالحج جي ڏهاڪي ۾ عبادت جي فضيلت

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُما جيڪي مفسرن جا سلطان، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا سوٽ، وڏا عظيم صحابي ۽ قرآن جا مُفَسر بہ آهن، پاڻ فرمائن ٿا: الله جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمّدِ عربي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَا مِنْ اَیَّامٍ اَلْعَمَلُ الصَّالِحُ فِیهَا اَحَبُّ اِلَی اللهِ مِنْ هٰذِهِ الْاَیَّامِ ”يعني ڪو اهڙو ڏينهن نہ آهي جو جنهن ۾ نيڪ عمل ڪرڻ الله پاڪ وٽ، هنن 10 ڏينهن کان وڌيڪ محبوب هجي“[2]

يعني عام ڏينهن ۾ نيڪي ڪئي وڃي اها بہ الله پاڪ کي گهڻي پياري آهي، عام ڏينهن ۾ نيڪي ڪرڻ بہ وڏي فضيلت جي ڳالهہ آهي پر عام ڏينهن جي نسبت ذُو الحج جي ڏهاڪي (يعني ذُو الحج جي ابتدائي 10 ڏينهن ۾) نيڪي ڪرڻ الله پاڪ وٽ تمام گهڻو محبوب آهي.

هڪ روايت ۾ آهي: وَالْعَمَلُ فِیهِنَّ یُضَاعَفُ سَبْعَمِائَةِ ضِعْفٍ انهن 10 ڏينهن ۾ نيڪي

---

[1]…تفسير قرطبی،سورۀ فجر، زير آيت:2، جلد:30، صفحہ:24۔

[2]…ابو داؤد، کتاب الصوم، باب فی صوم العشر، صفحہ:390، حديث:2438۔

www.dawateislami.net

جو ثواب 700 ڀيرا وڌايو ويندو آهي.[1]

ترمذي شريف جي روايت ۾ آهي: نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَا مِنْ أَيَّامٍ أَحَبُّ إِلَى اللهِ أَنْ يُتَعَبَّدَ لَهُ فِيهَا مِنْ عَشْرِ ذِی الحِجَّةِ عبادت جي ڏينهن ۾ الله پاڪ وٽ سڀ کان محبوب ڏينهن ذي الحج جا ڏھ ڏينهن آهن يَعْدِلُ صِيَامُ كُلِّ يَوْمٍ مِّنْهَا بِصِيَامِ سَنَةٍ انهن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزن جي برابر آهي وَقِيَامُ كُلِّ لَيْلَةٍ مِّنْهَا بِقِيَامِ لَيْلَةِ القَدْرِ ۽ انهن ڏينهن جي هر رات جو قيام (يعني جاڳي عبادت ڪرڻ) شبِ قدر جي قيام جي برابر آهي.[2]

| | |
|---|---|
| ہر ہر گھڑی ہے اس کی عزّ و فَضَل میں یکتا | بادَل کرم کا چھایا، ماہِ حرام آیا |
| بڑھتی ہیں اس میں قدریں، اعمال کی ہمارے | کرنا نہ وقت ضائع، ماہِ حرام آیا |

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! ڪيترا پيارا ۽ فضيلت وارا ڏينهن آهن، هنن ڏينهن ۾ هڪ نيڪي جو ثواب 700 ڀيرا وڌايو ويندو آهي، انهن ڏينهن ۾ نيڪي ڪرڻ افضل نيڪي آهي، انهن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن جو روزو رکڻ 1 سال جي روزن جي برابر آهي، انهن ڏينهن جي راتين ۾ قيام ڪرڻ (يعني رات کي جاڳي عبادت ڪرڻ) شبِ قدر ۾ عبادت ڪرڻ جي برابر آهي.

هتي هي بہ ياد رهي تہ هن هنڌ نيڪي جي ڪا تخصيص نہ آهي۞ يعني انهن مبارڪ ڏينهن ۾ هر نيڪي جو ثواب وڌي ويندو آهي۞ انهن ڏينهن ۾ فرض نماز ادا ڪرڻ عام ڏينهن جي فرض نمازن کان وڌيڪ افضل ۞ انهن ڏينهن جي نفل عبادت عام ڏينهن جي نفل عبادت کان افضل ۞ انهن ڏينهن جا نفلي روزا، عام ڏينهن جي نفلي روزن کان افضل ۞ ذُو الحج جي عشري ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ عام ڏينهن ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ کان افضل ۞ ذُو الحج جي عشري ۾ صدقو ڪرڻ عام ڏينهن ۾ صدقو ڪرڻ کان افضل ۞ ذُو

[1]...شعب الايمان، باب فى الصيام، جلد:3، صفحہ:356، حديث:3757۔

[2]...ترمذی،کتاب الصوم، باب ما جاء فى العمل، صفحہ:211، حديث:758۔

الحج جي عشري ۾ ذڪرُ الله ڪرڻ عام ڏينهن ۾ ذڪر الله ڪرڻ ڪان افضل۞ ذُوس الحج جي عشري ۾ ماءُ پيءُ جي زيارت ڪرڻ عام ڏينهن ۾ ماءُ پيءُ جي زيارت ڪرڻ ڪان افضل ۞ ذو الحج جي عشري ۾ تلاوت ڪرڻ عام ڏينهن ۾ تلاوت ڪرڻ ڪان افضل، مطلب ڪا بہ نيڪي هجي اها ذو الحج جي عشري ۾ ڪئي وڃي تہ عام ڏينهن جي نسبت ان ۾ گهڻي فضيلت بہ آهي، الله پاڪ وٽ وڏيڪ محبوب بہ آهي ۽ ان جو ثواب 700 ڀيرا وڌايو ويندو آهي.

## نيڪين جي موسمِ بهار

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! هي 10 ڏينهن جڻ نيڪين جي موسمِ بهار آهن، اسان کي گهرجي تہ اسان انهن ڏينهن کي غنيمت سمجهون، خوب نيڪيون ڪريون، نمازون پڙهون، نفل عبادت ڪريون، تلاوت ڪريون، ذِڪرُالله ڪريون، بلڪ حق تہ هي آهي تہ راتين جو جاڳي عبادت ڪئي وڃي تہ رات جي عبادت محبوب آهي. حضرت سعيد بن جُبَير رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو معمول مبارڪ هو تہ جڏهن ذُو الحج جو عَشرو ايندو هو تہ پاڻ عبادت ۾ تمام گهڻي ڪوشش ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: لَا تُطْفِئُوا سُرُجَكُمْ لَيَالِي الْعَشْرِ يعني ذُو الحج جي عشري جي راتين ۾ پنهنجا ڏيئا نہ وسايو.(1)

عام طور رات جو سمهڻ مهل لائٽ بند ڪئي ويندي آهي، ان ڪري حضرت سعيد بن جبير رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو تہ ذو الحج جي عشري ۾ لائٽون بند نہ ڪريو يعني انهن راتين ۾ آرام نہ ڪيو بلڪ راتين جو جاڳي خوب عبادت ڪريو!

## پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نفلي روزا رکندا هئا

اُمُّ المُؤمِنِين حضرت حفصہ رَضِیَ اللہُ عَنْها فرمائن ٿيون: رسولِ اڪرم، نورِ

1...حلية الاوليا، جلد:4، صفحہ:311، رقم:5671۔

مُجَسَّم صَلَّى اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ذُو الحج جي عشري ۾ پابندي سان نفلي روزا رکندا هئا.[1] خيال رهي! ذي الحج جي عشري جي روزن جو مطلب آهي: ذوالحج جي ابتدائي 9 ڏينهن جا روزا رکڻ چوتہ 10 ذوالحج (يعني عيد الاضحيٰ) جو روزو رکڻ جائِز نہ آهي.

اي عاشقانِ رسول! ڪاش! اسان بہ نيڪين جا حريص بڻجي وڃون، اسان جا پيارا آقا، رسولِ خُدا صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ذو الحج جي عشري جا روزا رکندا هئا، ڪاش! اسان بہ هن مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ادا ڪي ادا ڪرڻ جي لاءِ نفلي روزا رکون، نمازون پڙهون، عبادت ڪريون تہ هي ڪمائي قبر ۽ حشر ۾ ڪم ايندي، باقي سڀ تہ هتي ئي ڇڏي وڃڻو آهي، ان ڪري نيڪين جو حِرص وڌائڻ گهرجي، ذو الحج جي عشري جي هڪ نيڪي 700 ڀيرا وڌائي ويندي آهي، لهٰذا هن موقعي جو فائدو کڻو ۽ خوب نيڪيون ڪريون. الله پاڪ اسان سيني کي پنهنجي رضا وارن ڪمن ۾ مَصرُوف رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاه خَاتَمِ النَّبِيِّنَ صَلَّى اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

کوئی نہیں بھروسا اے بھائی! زندگی کا | کچھ نیکیاں کما لے، جلد آخرت بنا لے

# ذوالحج جي هڪ اهم عبادت

## قرباني ڪنهن تي واجِب آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ذوالحج ۾ ٿيندڙ هڪ اَهم ترين عبادت قرباني آهي. هر مسلمان بالغ مرد ۽ عورت، جيڪو مُقيم هجي (يعني مسافِر نہ هجن) ۽ هن سان گڏوگڏ مالِڪ نصاب بہ هجي (يعني ان وٽ ساڍا 52 تولا چاندي يا ان جي قيمت برابر رقم هجي) تہ ان تي قرباني واجِب آهي.[2]

[1]…صحيح ابن حبان، کتاب التاريخ، صفحہ:1703، حديث:6422۔

[2]…فتاوی عالمگیری، جلد:5، صفحہ:292۔

## هر وار جي بدلي نيڪي

حضرت زيد بن ارقم رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري صحابي سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضْوَان بارگاهہ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! هي قربانيون ڇا آهن؟ پياري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: سُنَّةُ اَبِيْكُم اِبْرَاهِيْم يعني توهان جي والِد ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي سُنّت. صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان پڇيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! هن ۾ اسان جي لاءِ ڇا آهي؟ فرمايائون: بِكُلِّ شَعْرَةٍ حَسَنَة يعني قرباني جي هر وار جي بدلي ۾ توهان جي لاءِ هڪ نيڪي آهي.[1]

جو خُدا کے لئے قربانی کیا کرتے ہیں | در اَصْل خلد کے حقدار ہُوا کرتے ہیں

## عيد الاضحي جي ڏينهن سڀ کان اَفضل عمل

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهما فرمائن ٿا: رسولن جي تاجدار، مڪي مدني سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ عيد الاضحيٰ (يعني ذُوالحج جي 10 تاريخ) تي فرمايائون: مَا عَمِلَ آدَمِيٌّ فِي هٰذَا الْيَوْمِ اَفْضَلُ مِنْ دَمٍ يُهْرَاقُ يعني اڄوڪي ڏينهن انسان جو ڪو عمل رت وهائڻ (يعني قرباني ڪرڻ) کان وڌيڪ فضيلت وارو نہ آهي.[2] هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: يومُ النحر (يعني عيد الاضحٰي جي 10 تاريخ) تي الله پاڪ وٽ سڀ کان پسنديده عمل رت وهائڻ (يعني جانور ذبح ڪرڻ) آهي، بيشڪ قرباني جو جانور قِيامت جي ڏينهن پنهنجي سڱن، وارن ۽ کُرن سان ايندو ۽ قربانيءَ جو رت زمين تي ڪرڻ کان اڳ ۾ الله پاڪ وٽ قبول ٿي ويندو آهي. تنهنڪري خوش دليءَ سان قرباني ڪريو.[3]

---

[1] ...ابن ماجہ، كتاب الاضاحی، باب ثواب الاضحية، صفحہ:510، حديث:3127۔

[2] ...مجمع الزوائد، كتاب الاضاحی، باب فضل الاضحية، جلد:4، صفحہ:5، حديث:5939۔

[3] ...ترمذی، كتاب الاضاحی، باب ما جاء فی فضل الاضحية، صفحہ:383، حديث:1493۔

## قرباني بدران صِرف گوشت صدقو ڪرڻ ڪافي نہ آهي

حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هن مان خبر پئي تہ قرباني جو مقصد رت وهائڻ آهي، گوشت کاڌو وڃي يا نہ کاڌو وڃي، لھٰذا جيڪڏهن ڪو شخص قرباني جي قيمت ادا ڪري يا هن کان ٻيڻو ٽيڻو گوشت خيرات ڪري، قرباني هرگز ادا نہ ٿيندي ۽ ايئن چونہ ٿئي جو قرباني حضرت خليلُ الله (عَلَيْهِ السَّلَام) جي نقل آهي ۽ حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلَيْهِ السَّلَام رت وهايو هو، گوشت يا پيسا خيرات نہ ڪيا هئا ۽ نقل اها ئي درست هوندي آهي جيڪا اَصل مطابق هجي.

مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: ۽ عمل تہ ڪرڻ کان بعد قبول ٿيندا آهن پر قرباني ڪرڻ کان پهريان ئي قبول ٿي ويندي آهي، لھٰذا قرباني کي بيڪار سمجهي يا تنگ دِلي سان نہ ڪريو! هر هنڌ عقلي گهوڙا نہ ڊوڙائيو! [(1)]

## قرباني جهنّم کان رڪاوٽ بڻجي ويندي

رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ ضَحّٰى طِيْبَةً نَفْسِهٖ مُحْتَسِبًا لِاُضْحِيَتِهٖ كَانَتْ لَهٗ حِجَابًا مِّنَ النَّارِ يعني جيڪو شخص خوش دلي سان ثواب جي اميد رکندي قرباني ڪري، هي قرباني ان جي لاءِ جهنم کان حجاب (يعني رڪاوٽ) بڻجي ويندي. [(2)]

## قرباني گُناهن جو ڪفارو آهي

هڪ حديث شريف جو خلاصو آهي: قرباني جي جانور جي رت جي پهرين قطري جي بدلي الله پاڪ قرباني ڪرڻ واري جا اڳوڻا گناهہ معاف فرمائي ڇڏي ٿو. [(3)]

---

[1] ...مرآة المناجيح، جلد:2، صفحہ:375 ملتقطاً۔

[2] ...جامع صغير، صفحہ:533، حديث:8825۔

[3] ...مستدرڪ، ڪتاب الاضاحي، جلد:5، صفحہ:314، حديث:7600خلاصةً ۔

اي عاشقانِ رسول! غور طلب ڳالهه آهي! گناهه ڪير ڪري ٿو؟ يقيناً انسان ڪري ٿو، جانور تہ مُڪلَّف ئي نہ آهن، هي تہ گُناهه نٿا ڪن پر ڏسو! انسان جي گُنَاهن جو ڪفّارو ڪير بڻجي رهيو آهي؟ بي گُنَاهه جانور...!! هن لحاظ سان جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ ان جانور جو اسان تي ڪيترو وڏو اِحسَان آهي جو گُنَاهه اسان ڪيا آهن ۽ هي بي گُنَاهه جانور پنهنجي جان جي بازي لڳائي اسان جي گُنَاهن جو ڪفّارو بڻجي رهيو آهي.

هن ۾ اُنهن ماڻهن جي لاءِ عِبرت آهي جيڪي قرباني جي وقت تماشو ڪن ٿا، جانور جو ساهه نڪرندي ڏسي، جانورن جون رڙيون ٻڌي خوش ٿين ٿا ۽ مَعَاذَ الله! بعض نادان تہ تاڙيون وڄائن ٿا. افسوس! هي تماشو ڏسڻ جو نہ بلڪ پنهنجي گُنَاهن تي شرمسار ٿيڻ ۽ ان جانور جو اِحسَان مڃڻ جو وقت آهي.

اهڙي طرح اهي ماڻهو بہ عبرت حاصل ڪن جيڪي جانور کي ناحق تڪليف پهچائن ٿا، انهن کي گاهه وغيره پورو نٿا ڏين، ڪنهن پري علائقي مان جانور آڻڻو هجي تہ رستي ۾ پُوري خوراڪ مهيا ناهن ڪندا، ننڍي گاڏي ۾ وڏو جانور چاڙهين ٿا، جانور کي گاڏي ۾ چاڙهيندي ۽ لاهيندي وقت احتياط نٿا ڪن، ڪڏهن جلد بازي ۾ جانورن کي گاڏي مان ٽپو ڏياريندا آهن، جنهن سان جانور جي ٽنگ ٽٽڻ يا سخت ڏک لڳڻ جو خدشو هوندو آهي.

اي عاشقانِ رسول! اسان کي ڏِڄڻ گهرجي، عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي، هي جانور تہ اهو آهي جيڪو پنهنجي رَبّ ڪريم جي نالي تي پنهنجي جان قربان ڪري رهيو آهي، پنهنجي جان جي بازي لڳائي اسان جي گُنَاهن جو ڪفّارو ادا ڪري رهيو آهي، اسان کي تہ گهرجي تہ ان جو اِحسَان مڃون ۽ ان جي خوب عزّت ڪريون.

الله پاڪ اسان کي هدايت نصيب فرمائي ۽ مخلوقِ خُدا سان ڀلائي سان پيش اچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاه خَاتَمِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# قرباني، هڪ مقصد وارو فرض

اي عاشقانِ رسول! هي ڳالهه ياد رکو! ته قرباني ڪو ڏهاڙو يا رَسم نه آهي، بلڪ هڪ مقصد وارو **فرض** آهي. قرباني ۾ اسان جي لاءِ سکڻ لاءِ گهڻو ڪجهه موجود آهي۞ قرباني اسان کي جيئڻ جو مقصد سمجهائي ٿي ۞ قرباني ۾ ايثار جو درس آهي۞ قرباني اسان کي همدردي جو سبق ڏي ٿي ۽ ۞ سڀ کان اَهم ڳالهه هي ته قرباني اسان کي بندگي جا آداب سيکاري ٿي. اچو! هن حوالي سان قرآنِ ڪريم جي هڪ آيت سڳوري ٻڌي ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿيون:

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

لِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا لِّيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِؕ فَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَلَهٗۤ اَسْلِمُوْاؕ وَ بَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَۙ(۳۴) (پاره:17،سورهٔ حج:34)

ترجموڪنزالعرفان: هر امت جي لاءِ اسان هڪ قرباني مقرر فرمائي ته جيئن هو ان ڳالهه تي الله جو نالو وٺن ته ان هنن کي بي زبان چوپاين مان رزق ڏنو پوءِ توهان جو معبود هڪڙو معبود آهي سو ان جي اڳيان ئي ڪنڌ جهڪايو ۽ نوڙ ڪرڻ وارن کي خوشخبري ٻڌاءِ.

تفسير صراط الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي: يعني اڳوڻين ايماندار اُمتن مان هر امت جي لاءِ الله پاڪ هڪ قرباني مقرر فرمائي ته جيئن هو جانورن کي ذبح ڪرڻ مهل ان تي الله پاڪ جو نالو وٺن.[1]

## (1): قرباني نعمت جو شڪر ۽ عقيده توحيد جو عملي اِظهار

جاهليت واري دور ۾ ماڻهو پنهنجي ڪوڙن خُدائن جي لاءِ قرباني ڪندا هئا ۽ ذَبح جي وقت به انهن جو نالو پُڪاريندا هئا، مُشرِڪن جي هن شِرڪ جو

[1] ...تفسير صراط الجنان، پاره:17، سورهٔ حج، زيرِ آيت:34، جلد:6، صفحه:443۔

رد ڪندي الله پاڪ فرمايو:

لِّيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ؕ فَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَلَهٗۤ اَسْلِمُوْا ؕ (پاره:17،سورۂ حج:34)

ترجموڪنزالعرفان: تہ جيئن هو ان ڳالھ تي الله جو نالو وٺن تہ ان هنن کي بي زبان چوپاين مان رزق ڏنو پوءِ توهان جو معبود هڪڙو معبود آهي سو ان جي اڳيان ئي ڪنڌ جهڪايو

يعني الله پاڪ ئي توهان جو رازِق آهي، الله پاڪ ئي هي جانور پيدا فرمايا، الله پاڪ ئي انهن طاقتور جانورن کي توهان جي قابُو ۾ ڏنو ۽ الله پاڪ ئي انهن کي ذبح ڪرڻ ۽ گوشت جي ذريعي توانائي حاصِل ڪرڻ جي توهان کي اجازت ڏني، توهان جو هڪ ئي خُدا آهي، لھٰذا جانور ذَبَح ڪرڻ وقت انهيءَ جو نالو وٺو! انهيءَ جو شُڪر ادا ڪريو! ۽ ان جي بارگاھ ۾ ئي سر جهڪايو!

اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو: الله پاڪ جانورن بابت اسان تي جيڪي انعامات فرمايا، جانور پيدا ڪيا، انهن کي اسان جي قابُو ۾ ڏنو، ان جو گوشت اسان جي لاءِ حلال فرمايو، قرباني ان انعامات جو شڪر بہ آهي ۽ گڏوگڏ هن ۾ توحيد جو اِظهار بہ آهي، يعني سڄي دُنيا ۾ مسلمان عيدُ الاَضْحٰي جي موقعي تي جانور ذَبَح ڪرڻ وقت الله پاڪ جو نالو وٺي هي اِظهار ڪندا آهن تہ الله پاڪ هڪ آهي، اسان تي انعام فرمائڻ وارو هڪ آهي، تمام مخلوقات کي پيدا ڪرڻ وارو هڪ آهي ۽ اسان صِرف انهيءَ هڪ خُدا وحده لَاشَرِيڪ جي عبادت ڪريون ٿا، ان کان سِواءِ ڪنهن کي پنهنجو خُدا نٿا مڃون.

خبر پئي: قرباني ڪا رَسم نہ آهي بلڪ نعمت جو شڪر بہ آهي ۽ گڏوگڏ عقيدۂ توحيد جو عملي اِظهار بہ آهي.

# قرباني: نيڪ توانائي جو ذريعو

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ سوال ذهن ۾ اچي ٿو، اهو هي ته قرباني جيڪڏهن نعمت جو شڪر آهي ته اهو شڪر ڪنهن ٻئي انداز ۾ مثال طور، نمازون پڙهي، روزا رکي، صدقو ۽ خيرات ڪري به ته شڪر ادا ٿي سگهي ٿو، آخر هن جي لاءِ جانور قربان ڪرڻ ئي ڇو ضروري آهي؟ عالم سڳورن هن سوال جا ڪوڙ جواب ڏنا آهن.

علامہ ابن رجب حنبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن سلسلي ۾ بهترين ايمان افروز مدني گل بيان ڪيا آهن، پاڻ فرمائن ٿا: جانور الله پاڪ جو ذڪر ڪثرت سان ڪن ٿا، الله پاڪ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاِنْ مِّنْ شَیْءٍ اِلَّا یُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ (پاره:15،سورۂ بني اسرائيل:44) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ ڪابہ شيءِ اهڙي نہ آهي جيڪا ان جي حمد بيان ڪرڻ سان گڏ ان جي پاڪائي بيان نہ ڪندي هجي. |

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمان جو خُلاصو آهي: ڪيئي جانور اهڙا آهن جيڪي انسانن کان بهتر ۽ انهن کان وڌيڪ ذِڪرُ الله ڪرڻ وارا آهن. (1)

هن مان معلوم ٿيو: مجموعي طَور تي جانور انسانن جي نسبت وڌيڪ ذِڪرُ الله ڪن ٿا، هائو! انسانن ۾ به ڪيئي اهڙا آهن جيڪي تمام گهڻو الله پاڪ جو ذِڪر ڪن ٿا پر انسانن جو هڪ تعداد آهي جيڪو غافل رهي ٿو، جڏهن ته جانور عام طور الله پاڪ جو ذِڪر ڪرڻ وارا ئي هوندا آهن. جيئن الله پاڪ اسان کي جانورن جي قرباني ڪرڻ جو حڪم ڏنو، هن ۾ حڪمت هي آهي ته گوشت کائڻ سان عقل وڌي ٿو، جسم جي قُوّت ۽ طاقت ۾ اِضَافو ٿئي ٿو ۽ گوشت جي اها خاصِيت آهي ته هي انسان جي طبيعت تي اَثر انداز ٿئي ٿو.

---

1 ...جامع صغير، صفحہ:64، حديث:953خلاصۃً۔

ان ڪري اسان تي حلال جانورن جي قرباني لازِم قرار ڏني وئي، تہ جيئن اسان ان ذِڪرُ الله ڪرڻ وارن جانورن جو گوشت کائون، هن سان اسان جو عقل وڌي، جڏهن ذِڪرُ الله ڪرڻ واري جانور جي گوشت جي ذريعي عقل وڌندو تہ اهو عقل نيڪي جي طرف گهڻو مائل ٿيندو، هن ۾ وڳوڙو گهٽ ايندو، اهڙو عقل چڱي سوچ وارو ٿي ويندو.

هيئن ئي ذِڪرُ الله ڪرڻ واري جانور جو گوشت اسان جي جسم جو حِصو ٿيندو، اسان جي طبيعت جو حِصو ٿيندو تہ هن سان غفلت ختم ٿيندي ۽ انسان ڪثرت سان ذِڪرُ الله ڪرڻ وارو بڻجي ويندو.[1]

علامہ ابن رجب حنبلي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هي مدني گل ذڪر ڪرڻ کان بعد فرمائن ٿا: جيڪو شخص الله پاڪ جي اطاعت ڪرڻ وارن، ذڪر الله جي ڪثرت ڪرڻ وارن، انهن جانورن کي ذبح ڪري، پوءِ انهن جو گوشت کائي، پوءِ ان گوشت مان جيڪا طاقت حاصل ٿيندي، ان طاقت کي گناهن ۾ خرچ ڪري تہ جڻ ان معاملو الٽو ڪري ڇڏيو، شڪر جي بدران ناشڪري ڪئي، اهڙن نادانن کان تہ جانور ڪافي ڀيرا بهتر آهن.[2]

اي عاشقانِ رسول! عِبرت جو مقام آهي! هي جانور جيڪي قرباني جي ڏينهن ذبح ڪيا ويندا آهن، انهن جو گوشت امير، غريب سڀ کائن ٿا، حق هي ٿئي ٿو تہ هي گوشت کائي جيڪا توانائي حاصل ٿئي ۞ هن سان اسان جو ذِڪرُ الله ڪرڻ جو ذهن بڻجي ۞ نيڪين ڏانهن دل راغب ٿئي ۞ هن طاقت کي نماز جي لاءِ خرچ ڪيو وڃي ۞ تلاوتِ قرآن تي خرچ ڪيو وڃي ۞ هن طاقت کي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ خرچ ڪيو وڃي ۞ هن طاقت کي نيڪ اعمال تي خرچ ڪيو وڃي پر افسوس! اسان وٽ هڪ تعداد آهي جيڪو مهانگي کان مهانگي جانور جي قرباني ڪن ٿا، گوشت بہ کائن ٿا پر عبرت نٿا حاصل ڪن،

---

[1]...لطائف المعارف، مجلس الثالث: ايام التشريق، صفحہ:390۔

[2]...لطائف المعارف، مجلس الثالث: ايام التشريق، صفحہ:390۔

قرباني جي ڏينهن ۾ بہ نمازون قضا ڪري رهيا هوندا آهن، فلمون ڊراما ۽ مختلف گناهن ڀرين فنڪشنز (Functions) ۾ عيد جو ڏينهن گذاري يومِ عِيد کي پنهنجي لاءِ يومِ وَعِيد بڻائيندا آهن.

اهڙن نادانن کي ڊڄڻ گهرجي، علامہ اِبنِ رَجَب حنبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهڙن نادانن کان تہ اهو جانور بهتر آهي جيڪو جيستائين زِندهہ رهي، ذِڪرُ الله ڪندو رهي، آخِر الله پاڪ ئي جي نالي تي قربان ٿي وڃي.[1]

| | |
|---|---|
| ہماری بگڑی ہوئی عادتیں نکل جائیں | ملے گناہوں کے امراض سے شفا یارب! |
| رہیں بھلائی کی راہوں میں گامزن ہر دم | کریں نہ رُخ مرے پاؤں گناہ کا یارب! |

## قرباني بندگي جو درس ڏئي ٿي

اي عاشقانِ رسول! قرباني جو اَصل دَرس تہ هي آهي جو انسان الله پاڪ جو حقيقي ٻانهو بڻجي وڃي، اطاعت گذار ٿئي، ڏسو! الله پاڪ ٻڌايو تہ قرباني هر اُمّت تي لازِم ڪئي وئي هئي، پوءِ ٻڌايو ويو قرباني نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ آهي ۽ هي صِرف الله پاڪ ئي جي لاءِ ڪئي ويندي، پوءِ آخر ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ ﴿۳۴﴾ (پاره:17،سورۂ حج:34) | ترجَمو ڪنزُالعرفان: ۽ نوڙ ڪرڻ وارن کي خوشخبري ٻڌاءِ. |

يعني اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! جيڪي مُخْبِت (يعني عاجزي ڪرڻ وارا) آهن، انهن کي جنّت جي خوشخبري ٻڌايو!

مُخْبِت (يعني عاجزي ڪرڻ وارا) ڪير آهن؟ هن جي وَضَاحت ڪندي ربّ پاڪ فرمائي ٿو:

---

[1]...لطائف المعارف، مجلس الثالث: ايام التشريق، صفحہ:391۔

الَّذِيۡنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتۡ قُلُوۡبُهُمۡ وَ الصّٰبِرِيۡنَ عَلٰى مَاۤ اَصَابَهُمۡ وَ الۡمُقِيۡمِى الصَّلٰوةِ ۙ وَمِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ يُنۡفِقُوۡنَ ﴿۳۵﴾
(پاره:17،سورۂ حج:35)

ترجَمو ڪنزُالعرفان: اهي ماڻهو آهن جو جڏهن الله جو ذڪر ٿيندو آهي ته انهن جو دليون ٿڙڪڻ لڳنديون آهن ۽ انهن کي جيڪا مصيبت پهچي ان تي صبر ڪرڻ وارا آهن ۽ نماز قائم رکڻ وارا آهن ۽ اسان جي ڏنل رزق مان خرچ ڪندا آهن.

يعني مُحۡبِت (الله پاڪ جي لاءِ عاجزي ڪرڻ وارا) اهي آهن جڏهن انهن جي سامهون الله پاڪ جو ذِڪر ٿئي ٿو ته خوف ۽ جلال سبب انهن جون دليون ڏڪڻ لڳن ٿيون، الله پاڪ جي عذاب جو خوف انهن جي عضوئن مان ظاهر ٿيڻ لڳي ٿو، انهن کي دُنيا ۾ جيڪا مصيبت پهچي، ان تي صبر ڪن ٿا، نماز قائِم ڪن ٿا ۽ الله پاڪ جي ڏنل رِزق مان صدقو ۽ خيرات ڪن ٿا.[1]

اي عاشقانِ رسول! غور جو مقام آهي! اسان قرباني ته ڪريون ٿا، مهانگي کان مهانگو جانور خريد ڪري وڏي شوق ۽ ذوق سان قرباني ڪريون ٿا، جڏهن جانور آڻيون ٿا ته پاڙي ۾ چرچو ٿئي ٿو ته فلاڻي ايترو مهانگو جانور آندو آهي، رشتيدارن کي، پاڙيسرين کي، دوستن کي ٻڌايو ويندو آهي پر غور ڪريو! اسان مان جنّت جي خوشخبري جا حق دار بڻجڻ وارا يعني عاجزي ڪندڙ ڪيترا آهن؟ الله پاڪ جو ذِڪر ڪرڻ وارا، ذِڪرُ الله ٻُڌي خوش ٿيڻ وارا، خوفِ خُدا سبب ڏڪڻ وارا، نمازون پڙهڻ وارا، راهِ خُدا ۾ دِل کولي صدقو خيرات ڪرڻ وارا ڪيترا آهن؟

افسوس! افسوس! اسان قرباني ته ڪيون ٿا، هي ٻه تمام پلو ڪم آهي، نيڪ ڪم آهي، جن تي قرباني واجِب آهي، انهن کي ته ڪرڻي ئي پوندي، ان جي بغير ڇوٽڪارو ناهي، پر قرباني جو اَصل مقصد ڇا آهي؟ قرباني اسان کي

[1] …تفسير صراط الجنان، پاره:17، سورۂ حج، زيرِ آيت:35، جلد:6، صفحه:443۔

درس ڪهڙو ڏي ٿي؟ هي مقصد اسان ڪڏهن پُورو ڪنداسين؟

آه طغیانیاں گناہوں کی | پار نیّا مری لگا یاربّ!
نفس و شیطان ہو گئے غالِب | ان کے چنگل سے تُو چھڑا یاربّ!
نیم جاں کر دیا گناہوں نے | مرضِ عصیاں سے دے شفا یاربّ!

## سُنّتِ ابراهيمي ڪي ادا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! قرباني سُنّتِ ابراهيمي آهي، انهي تي اسان غور ڪريون، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو مبارڪ انداز ڪهڙو هو؟ سندن پاڪ سيرت اسان کي ڇا سيکاري ٿي؟

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي عمر مبارڪ 7 سال هئي، الله پاڪ کين فرمايو:

| | |
|---|---|
| اَسْلِمْ (پاره:1،سورۂ بقره:131) | ترجموڪنزُالعرفان: فرمانبرداري ڪر |

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام 7 سال جي عمر مبارڪ ۾ عرض ڪيو:

| | |
|---|---|
| قَالَ اَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۳۱﴾ (پاره:1،سورۂ بقره:131) | ترجموڪنزُالعرفان: ان عرض ڪيو: مون فرمانبرداري ڪئي ان جي جيڪو سمورن جهانن جو پالڻهار آهي. |

هاڻي ڏسو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام 7 سال جي عمر ۾ رَبّ ڪريم جي بارگاهه ۾ هي عرض ڪيو، پوءِ سڄي زِندگي هن تي قائِم رهيا، سندن تي مصيبتون آيون، پريشانيون به آيون، ڏُک به برداشت ڪيائون، کين تڪليف به پهچائي وئي پر هڪ گهڙي جي لاءِ به سندن قدم پوئتي نه هٽيا، پاڻ هميشه ثابت قدم رهيا، پاڻ کي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو حڪم ٿيو، پاڻ اڪيلا

ئي دِين جو پيغام عام ڪرڻ ۾ مَصرُوف ٿي ويا، نمرود وقت جو ظالم ترين بادشاهه هو، ان جي مرڪز ۾ رهي، بنا ڊپ جي، فقط الله پاڪ جي ڀروسي تي پاڻ حق جي ڳالهه ڪندا رهيا.

نمرود حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام کي معاذَ الله! باهه ۾ وجهڻ جي جسارت ڪئي، ان تي به حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام مطمئن رهيا، الله پاڪ جا فرمانبردار رهيا، جڏهن ڪين باهه ۾ وڌو پئي ويو، حضرت جبريلِ اَمين عَلَیْہِ السَّلَام حاضِر ٿي عَرض ڪيو: اي ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام! ڪا حاجت هجي ته ٻڌايو! فرمايائون: حاجت ته آهي پر توهان سان نه آهي، عَرض ڪيائين: پوءِ جنهن سان حاجت آهي، ان کي چئو! فرمايائون: هو ڏسي رهيو آهي، چوڻ جي ضرورت نه آهي.

سُبْحٰنَ الله! هي يقين هو، توڪل هو، پوءِ الله پاڪ ڪين هن يقين ۽ فرمانبرداري جو صِلو به عطا فرمايو، ميلن تائين پکڙيل ان هولناڪ باهه کي الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام جي لاءِ گلن جي باغ ۾ تبديل فرمائي ڇڏيو.

پوءِ حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام کي هجرت جو حڪم ٿيو، پاڻ پنهنجو گهر، پنهنجا رشتيدار، سيني کي ڇڏي هجرت ڪري ملڪ شام تشريف وٺي ويا.
حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام جڏهن پوڙهائپ تي پهتا ته پاڻ هي دُعا گُهريائون:

| | |
|---|---|
| رَبِّ هَبْ لِیْ مِنَ الصّٰلِحِیْنَ ﴿۱۰۰﴾ (پاره:23،سورۂ صٰفّٰت:100) | ترجَموڪنزُ العرفان: اي منهنجا رب! مون کي نيڪ اولاد عطا فرماءِ. |

هن عمر ۾ الله پاڪ ڪين حضرت اسماعيل عَلَیْہِ السَّلَام جي صُورت ۾ نيڪ پُٽ عطا فرمايو، اڃا حضرت اسماعيل عَلَیْہِ السَّلَام جي ڪير پيئڻ جي عمر هئي، حڪم ٿيو: اي ابراهيم! پنهنجي پُٽ ۽ ان جي اَمڙ کي مڪ مڪرمہ ڇڏي اچو!

الله اڪبر! پوڙهائپ ۾ پٽ عطا ٿيو، اڃا ڪير پيئڻ جي عمر ۾ آهي ۽ پٽ کي پاڻ کان جُدا ڪرڻ جو حڪم آيو، قربان وڃجي! هي اطاعت جو جذبو هو، هي حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام جي پنهنجي رَبّ سان ڪمال محبت آهي جو هي

حڪم ٻُڌي سندن نرڙ تي گهنج نہ آيو، زبان سان ڪا شڪوہ شڪايت تہ رهي پري پر دِل ۾ بہ ڪو خيال نہ آيو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي رَبّ ڪريم جي حڪم تي مٿو جهڪائي ڪري پنهنجي ڪير پياڪ ننڍڙي شهزادي ڪي ۽ ان جي امڙ کي اڪيلو مڪہ مڪرمہ جي غير آباد رڻ پٽ وادي ۾ ڇڏي واپس موٽي آيا.

الله!الله!...

*ابھی عشق کے امتحاں اور بھی ہیں*

جڏهن حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي عمر مبارڪ اٽڪل 13 سالن جي ٿي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام خواب ڏٺو تہ پنهنجي پٽ کي ذَبح ڪري رهيا آهن، نبي سڳورن عَلَيهم السّلَام جا خواب وَحي هوندا آهن، لهٰذا حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام خواب جي ذريعي ڏنل هن حڪمِ خُداوندي تي عَمَل ڪرڻ جي لاءِ مڪي پاڪ پهتا، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام کي خواب ٻُڌايو، فرمانبردار پُٽ عَرْض ڪيو:

| | |
|---|---|
| قَالَ يٰۤاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ سَتَجِدُنِیْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِیْنَ ﴿۱۰۲﴾ (پاره:23،سورۀ صٰفّٰت:102) | ترجَموڪنزُالعرفان: پٽ چيو: اي منهنجا پيءُ! تون اهو ئي ڪر جنهن جو توکي حڪم ڏنو پيو وڃي ان شاءالله عنقريب تون مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندي |

سُبْحٰنَ الله! پٽ هجي تہ اهڙو هجي...! فرمانبرداري هجي تہ اهڙي هجي...!!

*یہ فیضانِ نظر تھا یا مکتب کی کرامت تھی | سکھائے کس نے اسماعیل کو آدابِ فرزندی؟*

الله اڪبر! اب حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي پٽ کي گڏ وٺي منيٰ پهتا، پُٽ کي لٽائي، ڳلي تي ڇُري رکيائون، روايتن ۾ اچي ٿو: ڇُري توڙي جو گهڻي تيز هئي پر حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي ڳلي تي هلائي ويندي هئي تہ اها نہ هلندي هئي.

الله پاڪ جو حڪم پُورو ڪرڻ ۾ غير اختياري طَور تي دير ٿي رهي هئي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي فرمانبردار دِل هن دير کي قبول نہ پئي ڪري سگهي، پاڻ ڇُري کي تيز ڪري وري هلايائون، اها نہ هلي، وري تيز ڪري هلايائون وري بہ نہ هلي، ٽي ڀيرا ايئن ئي ٿيو. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جوشِ فرمانبرداري ۾ هر هر ڇُري هلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، انهيءَ وقت حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام جنّتي گهيٽو کڻي حاضِر ٿيو ۽ حضرت ابراهيم ۽ سندس پٽ اسماعيل عَلَيهِماالسَّلَام کي قرباني قبول ٿيڻ جي خوشخبري ٻُڌائي وئي.

یہ آساں ہے کہ انساں چھوڑ دے سب مال و زَر اپنا
یہ آساں ہے کہ انساں چھوڑ دے تختِ سلیمانی
یہ آساں ہے کہ انساں رنج اُٹھائے، سختیاں جھیلے
یہ آساں ہے کہ اپنی جان بھی دے دے بہ آسانی
یہ سب آسان سے بھی آسان تَر ہے، جانِ من لیکن
بہت مشکل ہے اپنے ہاتھ سے بیٹے کی قربانی
کیا بیٹے کو قرباں راہِ حق میں اپنے ہاتھوں سے
نہیں دُنیا میں کوئی بھی خلیل اللہ کا ثانی

اي عاشقانِ رسول! هي آهي اطاعت جو جذبو، جانثاري جو جذبو، وفاداري جو جذبو، جهڙي طرح جانور ذَبح ڪرڻ سُنّتِ ابراهيمي آهي، اهڙي طرح هي اطاعت ۽ فرمانبرداري جو جذبو، پاڻ کي مڪمل طور الله پاڪ جي حوالي ڪرڻ، هي بہ حضرت ابرهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو ئي مبارڪ طريقو آهي. يقيناً حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جا نبي آهن، اسان سندن برابر نٿا ٿي سگهون پر جهڙي طرح اسان جانور قربان ڪري حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي سُنّت ادا ڪريون ٿا، ايئن ئي پاڻ کي الله پاڪ جي حوالي ڪري پاڻ کي مڪمل طور تي

الله پاڪ جي اطاعت ۾ لڳائڻ جي بہ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

## حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام سان نسبت ڪڏهن درست ٿيندي؟

غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مؤمن ٻانهو لِمَ (يعني ڇو)؟ ۽ ڪيفَ (يعني ڪيئن)؟ نٿو چاٽي (يعني مؤمن ٻانهو هي نٿو ڏسي تہ حڪم ڇو ڏنو ويو، ڪيئن ڏنو ويو بلڪ هڪ مسلمان صِرف هي ڏسي ٿو تہ حڪم ڪنهن ڏنو آهي؟ الله پاڪ حڪم ڏنو آهي، ان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حڪم ڏنو آهي تہ هاڻي ٻانهو ان ڪي ادا ڪري ٿو، ان تي اعتراض نٿو ڪري بلڪ چاهي سر ڌڙ جي بازي ئي ڇو نہ لڳائڻي پوي، هو الله ۽ رسول جي حڪم تي عَمَل ڪري ٿو).

غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمائن ٿا: نفسِ اَمّاره برائي ئي برائي آهي، جيڪڏهن ماڻهو مجاهدو ڪري (يعني پاڻ ڪي تڪليف ۾ وجهي، هر حالت ۾ الله ۽ رسول جي حڪم تي عمل ڪري تہ آهستہ آهستہ) نفسِ اَمَّاره نفسِ مُطۡمَئِنَّہ [1] بڻجي ويندو آهي، جڏهن نفسِ اَمَّاره نفسِ مُطۡمَئِنَّہ ٿي ويندو آهي، تہ هاڻي اها صُورت بڻبي آهي جو ماڻهو اطاعت ڪندو آهي، گُناهن ڪان بچندو آهي، هن درجي تي اچي نفسِ انساني خير ئي خير ٿي ويندو آهي، ان وقت انسان نفساني خواهشن ڪان بچندو آهي ، مڪمل طور تي الله پاڪ تي ڀروسو رکندو آهي ۽ اهو ئي درجو آهي تہ جڏهن انسان جي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام سان نسبت درست ٿيندي آهي (يعني هن درجي تي پهچي اِهو چئي سگهجي ٿو تہ هي ٻانهو سُنّتِ ابراهيمي تي عَمَل ڪرڻ وارو آهي)، ان وقت الله پاڪ ٻانهي جي بي حساب مدد فرمائيندو آهي ۽ آخرت ۾ ان کي بي حساب نعمتن سان نوازيندو آهي .[2]

اي عاشقانِ رسول! اها آهي قرباني جو اَصل سبق تہ اسان الله پاڪ جي ڪامِل اطاعت ڪريون، ڇا؟ ڇو؟ ڪيئن؟ وارن چڪرن ۾ نہ پئون، عقل جا گهوڙا نہ ڊوڙايون بلڪ الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو حڪم اچي تہ بَس اکيون بند ڪري

---

[1] خدائي حڪمن تي هلندڙ نفس

[2] ...الفتح الرباني والفيض الرحماني، المجلس الاول، صفحہ:14۔

ان تي عَمَل ڪريون، نفساني خواهشن کان بچون، نفسِ اَمَّاره جي خباثتن کان بچون، پنهنجي اِصْلاح ڪريون، ايستائين جو نفس کي نفسِ مُطْمَئِنَّہ بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

| | |
|---|---|
| محیط دِل پہ ہوا ہائے نفسِ اَمّارہ | دِماغ پر مرے ابلیس چھا گیا یاربّ! |
| رہائی مجھ کو ملے کاش! نفس و شیطاں سے | ترے حبیب کا دیتا ہوں واسطہ یاربّ! |

## نفساني خواهشن کان بچو!

حديثِ پاڪ ۾ آهي: لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يَكُوْنَ هَوَاهُ تَبَعًا لِمَا جِئْتُ بِهٖ توهان ۾ ڪو شخص ان وقت تائين (ڪامِل) مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين ان جون خواهشون منهنجي (دِين) جي تابع نہ ٿي وڃن.[1]

عالم سڳورا هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ٻانهي تي لازِم آهي تہ الله ۽ رسول سان اهڙي محبّت ڪري جو اها محبّت ان کي الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانبرداري تي اُڀاري ۽ گُنَاهن جي رستن ۾ رُڪاوٽ بڻجي.[2]

الله پاڪ اسان کي اهڙي توفيق عطا فرمائي، اسان جانورن جون قرباني ڪريون، ضرور ڪريون، گڏوگڏ نفسِ اَمّاره جي بہ قرباني ڏيون، نفساني خواهشن جون بہ قرباني ڏيون، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي صدقي، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي صدقي ڪاش! اسان الله پاڪ جا حقيقي فرمانبردار ٻانها بڻجي وڃون. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! 4 ذوالحج تي شيخِ طريقت، امير اهلسنت جي پير صاحب

[1] ...السنۃ لابن ابی عاصم، صفحہ:12، حديث:15۔

[2] ...جامع العلوم والحکم، صفحہ:397۔

سيدي قطب مدينہ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو عرسِ پاڪ آهي. اچو! برڪتون ماڻڻ جي لاءِ سندن مبارڪ ذڪر ٻڌون ٿا:

## سيدي قُطبِ مدينہ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو ذِڪرِ خير

اعليٰ حضرت جا خليفہ مولانا ضياءُ الدّين احمد صديقي قادري مدني رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي ولادتِ باسعادت 1294ھ، 1877ء ۾ ضِلعي سيالڪوٽ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ غير معروف ڳوٺ ڪلاس والا ۾ ٿي، پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ مسلمانن جي پهرين خليفہ حضرتِ صدِّيق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي اولاد مان آهن. ابتِدائي تعليم سيالڪوٽ ۾ حاصِل ڪئي. پوءِ مرڪز الاولياءِ لاهور ۾ 22 خواجہ جي چائنٺ دِهلي ۾ ڪجھ عرصو علم حاصل ڪيائون، نيٺ پيلي ڀيت (يوپي، هند) ۾ حضرتِ علامہ مولانا وصي احمد محدِّثِ سُورتي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي خدمت ۾ تقريباً چار 4 سال رهي ڪري ديني عُلومِ حاصِل ڪيائون ۽ دوره حديث ڪان بعد سندِ فراغت حاصِل ڪئي. الحمد لِلّٰہ! اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي مبارڪ هٿن سان سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي دستار بندي ٿي. پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ سان بَيعَت بہ ڪئي ۽ صرف 18 سالن جي عمر ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وٽان خِلافت جي سند بہ ماڻي.[1]

| | |
|---|---|
| يہ باغِ رضا کے گلِ خوشنما ہیں | کلی ہیں گلستانِ غوثُ الورٰی کی |

## شهرِ مصطفيٰ سان عشق

سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ 1327ھ کي بغدادِ مُعَلّيٰ ڪان مديني پاڪ حاضر ٿيا ۽ تقريباً 75 سال پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي مديني پاڪ ۾ رهڻ جو شرف مليو.[2] آخري عمر ۾ نظر ڪمزور ٿي وئي، ڊاڪٽرن علاج جي لاءِ جده وڃڻ تي زور ڀريو تہ

---

1...سيدى قطب مدينہ، صفحہ:7۔

2...انوارِ قطب مدينہ، صفحہ:337خلاصۃً۔

فرمايائون: فقير اڪين جي لاء مديني پاڪ کي ڇڏي نٿو سگهي۔[1]

## 7 ڏينهن جي بُک

سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن مان مديني پاڪ حاضِر ٿيس تہ شُروع جي ڏينهن ۾ اهڙو وقت بہ آيو جو مون تي ست 7 ڏينهن جو فاقو هو. ستين ڏينهن جڏهن مان بُک جي ڪري ڪمزور ٿي ويس تہ مون وٽ هڪ رعبدار بُزُرگ آيو ۽ انهن مون کي 3 مشڪيزا ڏنا. هڪ ۾ ماکي، ٻئي ۾ اٽو ۽ ٽئين ۾ گيهہ هو. مشڪيزا ڏيندي ايئن چوندي موٽي ويو تہ مان بازار مان وڌيڪ شيون وٺي اچان ٿو.

ڪجهہ دير بعد چانهہ جو ڏٻو ۽ کنڊ وغيره مون کي آڻي ڏنائين ۽ يڪدم واپس هليو ويو. مان پويان ويس تہ ڪاٿي تفصيل معلوم ڪيان پر هو غائب ٿي چڪو هو. قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ عَرض ڪيو ويو: اوهان جي خيال ۾ هو ڪير هو؟ ڪين فرمايو: منهنجي گمان ۾ هو مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو چاچو سائين سيدُا لشُّهداء حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْه هو، جو تہ مديني پاڪ جي وِلايت سندن سِپرد آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! حضرتِ سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْه سان گهڻي عقيدت رکندا هئا ۽ هر سال17 رَمَضانُ المبارَڪ تي حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْه جو عُرس شريف ملهائيندا هئا ۽ هڪ روزو حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْه جي مزارِ پُرانوار تي افطار ڪندا هئا.[3]

## وصال شريف ۽ جنازو مبارڪ

4 ذُوالحجِ 1401ھ (2-10-81) جُمُعي جي ڏينهن مسجد نَّبَوِي شريف جي مُؤَذِّن

---

[1]… سيدی ضياء الدين احمدالقادری ، جلد:1، صفحہ:523۔

[2]…سيدی قطب مدينہ، صفحہ:8۔

[3]…سيدی قطب مدينہ، صفحہ:8۔

اَللّٰه اکبر اَللّٰه اکبر چيو ۽ سيدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪلمو شريف پڙهيو ۽ سندن روح پرواز ڪري ويو. اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ غسل کان بعد ڪفن وچائي مٿي مبارڪ هيٺان پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حُجره مبارڪ شريف جي خاڪ شريف رکي وئي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قبرِ انور جو غُسالو شريف ۽ مختلف تبرڪات رکيا ويا. پوءِ ڪفن شريف ٻڌو ويو. نمازِ عَصر کان بعد دُرُود و سلام ۽ قصيده بُرده شريف جي گونجھ ۾ جنازو مبارڪ کنيو ويو.

سيدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي آرزو جي مطابِق جنَّتُ البقيع جي ان حصّي ۾ جتي اهلبيتِ اطهار عَلَيهِمُ الرِّضوان آرام فرما آهن، اتي حضرت فاطمة الزَّهرا رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مزار پُرانوار کان صرف 2 گز جي فاصلي تي دفن ڪيو ويو.[1]

اللّٰه پاڪ سيدي قُطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش فرمائي. اٰمِين بِجَاه خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ .

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! گُناهَ ڇڏڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ قبر و آخرت جي تياري ڪرڻ جو ذِهن بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي دِيني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌ کان وڌ حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰه الْڪرِيم! هن جي برڪت سان گُناهَ ڇڏڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ قبر ۽ آخرت جي تياري ڪرڻ جو ذِهن بڻبو. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم نيڪ اَعْمَال به آهي.

الحمد لله! شيخِ طريقت، امير اهلسنت حضرت علّامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مُريدن، طالِبن ۽ مُحِبّن بلڪ سڄي دُنيا

[1] ...سيدی قطب مدينہ، صفحہ:9۔

جي عاشقانِ رسول کي پنهنجي اِصلاح جو بهترين نسخو ڏنو آهي ۽ اهو آهي: رسالو نيڪ اَعْمَال. هي ننڍڙو رِسالو مڪتبة المدينہ تان طلب ڪريو ۽ چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تان بہ ڊاؤنلوڊ ڪري سگهو ٿا، بلڪ وڌيڪ آساني چاهيو ٿا تہ پنهنجي موبائل ۾ *Naik Amaal* ايپلي ڪيشن ڊاؤنلوڊ ڪريو، هن کي پڙهو، ان جي مُطابق زِندگي گذاريو ۽ روزانو پنهنجي عملن جو جائزو وٺو. اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيم! گُناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن ٺهندو، دِل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو ٿئي نکرجي خوب صُورت ٿي ويندو.

## سڄو گهر سُڌري ويو

ضلعي اَٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان گُناهن واري زندگي گذاري رهيو هئس، فلمون ڏسڻ، غنده گردي ڪرڻ، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمول ۾ شامِل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد ۾ هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻُڌي ڏاڍو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال نالي رسالي جو تعارُف ڪرايو، رسالي نيڪ اَعْمَال ۾ لکيل نيڪين ڀري زِندگي گذارڻ جا مدني گل ڏسي مون کي گهڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صُورت ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي اِصلاحِ اُمَّت جي لاءِ تڙپ ڏسي مان هٿو هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏنو ۽ عطّاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامِل ولي سان نسبت ڇا ٿي، دِل گُناهن کان بيزار ۽ نيڪين ڏانهن مائل ٿي وئي، مون گُناهن کان توبہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دِل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اَخلاق سَنوَرڻ لڳا، منهنجي هن تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي بہ سٺو اَثر ٿيو، الحمد لله! آهستہ آهستہ سڄو گهر ئي قادري، رضوي، عطّاري ٿي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي، فلمون ڊراما، ڳائڻ وڄائڻ بند ٿي ويو

۽ گُناهن ڀرين چينلز جي جڳهه تي مدني چينل هلڻ لڳو.[1]

| | |
|---|---|
| خوب مدنی قافلوں کی دھوم ہو | نیک ہو امّت اے نانائے حسین |
| "مدنی اِنعامات" کی ہو ریل پیل | نیک ہو امّت اے نانائے حسین[2] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[3]

| | |
|---|---|
| سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا |

## سرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: سيني سرمن مان بهتر سرمو "اِثمِد" آهي جو هي نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو.[4]

اي عاشقانِ رسول! پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني خوبصورتي جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروهه آهي ۽ زينت جو ارادو نه هجي ته ڪراهت ناهي. سرمو رات جو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي ✿ سرمو استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن

---

[1]...دلوں کا چین، صفحہ:4۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔

[3]...مشکوٰۃ،کتابُ:الْاِیمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175۔

[4]...ابن ماجہ، کتاب:الطب، باب:الکحل بالاثمد، صفحہ:566، حدیث:3497۔

جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻه، (3) ته ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻه ٻه ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو، هن طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَ الله الْڪرِيم! ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

اي عاشقانِ رسول! تڪريم جا جيترا به ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى الله عَلَيه والِهٖ وَسَلَّمَ ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو.[1]

عجب نہیں کہ لکھا لوح کا نظر آئے! | جو نقشِ پا کا لگاؤں غبار آنکھوں میں

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي "بهارِ شريعت" جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو 91 صفحن جو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خُدا | چاہیے گر تمہیں قافلے میں چلو
علمِ حاصل کرو، جہل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... 550 سنتیں اور آداب، صفحہ:38۔